ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

# شاهه شهيد جو فڪر

## WISDOM OF SHAH SHAHEED

**Dr. Muhammad Ali Manjhi,**
Director, Department of Culture & Tourism, Government of Sindh.

**ABSTRACT**

The Great Saint Shah Shaheed got birth on the land whose history of civilization and culture is very unique and has its own identification of mysticism in the world. It is the Land of Sindh, whose mysticism historical record keeps patriotism and serving excitement alike. Shah Shaheed did belong to “Qadri” Sect of Sufism but he was much different from those mystics who only were paying head towards worship of the God and remand indifferent to the matters of common people. His centre point of thought was the unity of God and the unity of its creature. He gave fresh turn to the old thought, under the color of patriotism and human equity.

هر ملڪ ۽ علائقي جو پنهنجو رنگ، روپ، خوشبوءِ ۽ سياءُ هوندو آهي پر ڪجهه رنگ ۽ رمزون اهڙيون هونديون آهن، جيڪي ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي نکرنديون رهيون آهن. انهن رنگن ۽ رمزن (جي تجلن ۽ آوازن) زماني تہ ڇا پر ڌرتيءَ کي ئي رنگين ڪري تہ ڪڏهن ڏوڏي وڌو آهي.

سنڌ ملڪ جي هڪ عجيب جاگرافي ۽ تاريخ رهي آهي. هتي ظالمن، ڦورن ۽ فاتحن ڪان وٺي، ساڌوئن، صوفين ۽ ارڏن انسانن جي تاريخ ۽ تهذيب جا باب ملن ٿا. وحشي جنگجو ماڻهو، ڌڪار، هٺ، حسد، ظلم ۽ بربريت دلين ۾ ڪٽي ايندڙ ماڻهو بہ هتي جي سياءَ ۽ فڪري رنگ ۾ رنگجي ويا، سندن سياءَ ئي تبديل ٿي ويا. هتي جي مٺي مٽيءَ ۽ مهان ماڻهن سڄي دنيا جي ماڻهن ۽ قومن تي پنهنجا ڏاهپ ڀريا اثر ڇڏيا آهن ۽ پڻ ڪڏهن ڪن تهذيبن، نظرين ۽ اُتي جي عظيم فلاسفرن ۽ ڏاهن جا اثر قبول ڪري، انهن کي پنهنجي ڌرتيءَ جي مٽيءَ جي



هُبڪار ۾ هُبڪاريو آهي. سنڌ جي فڪري ڌارا ۽ انساني ذهن جي حياتياتي ارتقا جي تاريخ ڏاڍي پراڻي آهي. رگويد جهڙي آڳاٽي ڪتاب ۾ بہ سنڌ جي ساراهه جا باب ملن ٿا.

شاهه شهيد انهيءَ ڌرتيءَ تي پيدا ٿيو جنهن جي نہ رڳو تهذيب، تمدن ۽ ثقافت آڳاٽي آهي پر جنهن ملڪ جي تصوف جي تاريخ بہ پراڻي ۽ مختلف آهي. ايتري قدر جو ديبل جي سنڌي عالم ۽ بزرگ ابو علي سنڌي، ايران ۽ عرب جي عالمن وٽ پهچي وحدت الوجود تصوف جو پهريون درس ڏنئي، اتي جي فڪري ڌارا کي ئي ڦيرائي هڪ وڏي نواڻ آندي. حقيقت ۾، سنڌ ۾ تصوف نہ رڳو آڳاٽو آهي پر سنڌ جي تصوف جو مزاج بہ نج سنڌي آهي. دنيا جي ملڪن جي تصوف تي دنيا کي ترڪ ڪرڻ وارو پهلو حاوي آهي پر سنڌ جي تصوف ۾ خلق جي خدمت ۽ وطن دوستيءَ جو پهلو حاوي آهي.

شاهه شهيد انهيءَ ڌرتيءَ جو خمير هو، جتي نبي ڪريم حضرت محمدﷺ جي دين اسلام، ڪرشن جي همہ اوست، رام جي ڀڳتي ۽ جڳ، ٻڌ جو پنهنجي هئڻ جي نفيءَ سان نرواڻ ماڻڻ ۽ جين ڌرم جي اهنسا، مانيءَ جي حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ ۽ اندر ۾ حق پسڻ، مزدڪ جي انساني برابريءَ جي اولين اشتراڪي فڪر، ويدڪي فڪر، وحدت الوجود ۽ وحدانيت پنهنجا رنگ رچي نوان سُرنگ سجايا.

شاهه شهيد پنهنجي حياتيءَ جو گهڻي ۾ گهڻو عرصو مطالعي ۽ مشاهدي ۾ گذاريو. مٿيان سيئي فڪر ۽ فلسفا شاهه شهيد جي مطالعي ۾ چڱيءَ ريت هوندا. هزارين سال آڳاٽا لوڪ يات ۽ چار واڪ جهڙا عظيم نظريا بہ هتي موجود رهيا آهن، جن جو بنياد انساني مساوات ۽ اشتراڪيت جي اصولن تي هو. سنڌ جي مٽيءَ ۾ اُن جي مهڪ رهي آهي. شاهه شهيد جي فڪر تي انهن جو اثر بہ گهرو نظر اچي ٿو.

وحدت الوجود جو فلسفو جنهن ۾ ”آئون هڪ هستي آهيان“ جو احساس اڳتي هلي زور سان اڀري ٿو، انهيءَ ڪيفيت ۾ ماڻهو جوش ۾ اچي ڦٿڪي ٿو، اندر جي تڙپ جاڳي پئي ٿي، مسلسل بي چيني رهي ٿي، اها ڪيفيت وحدت الوجود، فلسفي جو بنياد آهي. اهو فلسفو انسان جو سڀ کان جهونو ۽ فطري فلسفو آهي، جيڪو فلسفو هن ڌرتيءَ تي اُسريو. توڙي جو هي فلسفو دنيا جي مذهبن ۽ قومن ۾ بہ مختلف روپن ۽ رخن ۾ رهيو آهي. شاهه عنايت شهيد دنيا جو اهو فلسفي صوفي آهي، جنهن صوفي فلسفي کي هڪ نئون رخ ۽ روپ

ڏيئي، خلق (پنهنجي قوم) کي آزاد ۽ سکيو ستابو ڪرڻ لاءِ اُڀاريو. پنهنجي اندر جي تڙپ ۽ بي چينيءَ جو سڪون، قوم ۽ وطن جي آسودگيءَ ۾ هڪ روشن سج وانگر ڏٺو. وٽس انسانيت هئي. هٻچ، هوس، لالچ، غرض کان پرهيز ۽ ٽانيڪو سپاهُ ۽ روش هئي. جيئڻ جي آزادي، زندگي خوشحال، خوبصورت، محبت ۽ عشق ڀري حقيقت سان لاڳاپجي گذارڻ جو هڪ حسين تصور هو.

شاهه شهيد بنيادي تعليم تربيت پنهنجي گهر ۾ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ملتان وڃي تعليم پرائڻ بعد ايران، عراق ۽ افغانستان جا سير سفر ڪري، اُتي جي تاريخ، جاگرافي ۽ ٻين علمن جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو. اُتي ماني ۽ مزدڪ(1) جا فڪري نڪتا به ڪانئس ڳجها نه رهيا هوندا. ڪيترن ئي علمن سان گڏ تصوف جو گهرو مطالعو ڪري پاڻ تصوف جي دنيا ۾ وحدت الوجودي واٽ اختيار ڪيائين. شاهه شهيد صوفين جي انهيءَ مڪتب فڪر سان سلهاڙيو جن وٽ حق، سچ ۽ انسان بنهه گهڻو اُتم ۽ اعليٰ هوندو آهي. سچ جو سوداگر، سُونهن ۽ سچ جي شمع جو پتنگ، وسيع القلب، آزاد خيال، خوش ۽ زنده دل، مانيٽو، درگذر ڪندڙ، اهنسا، امن ۽ صالح عمل جو قائل، حقيقت ۾ صداقت جي واٽ تي هلندڙ، محبت جو مجموعو ۽ مجسمو هو. هيءُ صوفي نفرت، حسد، ڪيني ۽ نفاق کان بنهه پاڪ عظيم سماج سڌارڪ ۽ سماج جو ويج هو، جيڪو قوم ۽ وطن جي رنج ۽ الم ۾ حيران، پريشان، سرگردان ۽ سرمست هو. علمي ۽ فطري لحاظ سان خاصن منجهان خاص هوندي به عامن سندو عام هو. حق پرست، عوام ۽ وطن دوست، روح السلام جو وڏو ڄاڻو، صاحبِ طريقت ۽ انساني برابريءَ جو علمبردار، وحدت الوجودي صوفي هو. انهيءَ لحاظ کان هي عظيم صوفي بزرگ بنهه مٿاهون مقام رکندڙ هو.

ويدانت جي فڪر ۾ ”اهم برهم آسمر“ يعني آئون برهم آهيان ۽ برهم حقيقت مطلق (سچ) آهي. هي سنسار سندس پاڇو آهي ۽ هستي مطلق جو ضد آهي. جيڪڏهن مايا ۽ برهم کي ملايو وڃي ته حقيقت ڪل جي نمائندگي ٿيندي، پر اُتي پهچڻ لاءِ علم ۽ رياضت جي ضرورت آهي. صوفين جي چواڻي ته اُتي پهچڻ لاءِ حواسن جا پر ڪلي وڃن ٿا. ڪشف حاصل ٿئي ٿو ۽ ان الحق جو نعرو لڳندو آهي. اها ئي ڪيفيت ۽ منزل شاهه شهيد وٽ نئين روپ ۾ هئي. هن اُن وقت فڪر مان هڪ اهم نڪتي تي عمل ڪيو يعني پنهنجي وجود کي ڪو مقصد ڏيڻ ۽ انهيءَ مقصد سان سچو رهڻ. هيءُ صوفي انهيءَ ڳالهه ۾ ڏاڍو ڪامياب ويو. نه رڳو پنهنجي زندگيءَ جو مقصد چونديائين پر هر لحاظ کان سچو ۽ اٽل رهي،



دنيا ۾ مثال قائم ڪيائين، ڇاڪاڻ ته شاهه شهيد وٽ سنڌ جو صوفي ازم هو.

شاهه شهيد توڙي جو قادري سلسلي جو صوفي بزرگ ۽ وحدت الوجودي فڪر رکندڙ صوفي هو پر انهن صوفين کان گهڻو مختلف هو جيڪي فقط عبادت ۾ محو رهندي خلق خدا ڏانهن ڌيان ئي نه ڏيندا هئا يا جيڪو به حڪومتي توڙي سماجي ظلم وغيره ٿيندو هو سو سڀ ڪجهه ڏسي ٻين کي خاموش ٿي ڪاهل ۽ ڪنهن به ظلم خلاف ڪو به آواز نه اُٿارڻ جو درس ڏيندا هئا. جيتوڻيڪ سندس فڪر جو سرچشمو ته وحدت الوجودي تصوف رهيو آهي پر هن عظيم صوفي بزرگ انهن فڪرن ۽ فلسفن کي هڪ نئون موڙ ڏنو ڇو ته مٽس وطن دوستي ۽ انساني مساوات جو فڪر حاوي هو.

تصوف جا رواجي، پير ۽ مرشد، فقيرن ۽ ٻين ماڻهن کي دنيا کان الڳ ٿي چلا پچائي، گوشه نشيني جي تلقين ڪندا هئا/آهن ۽ دنيا سان تعلق ٽوڙي ماڻهوءَ کي بيگانگي ڏانهن ڌڪيندا هئا/آهن. اهڙيءَ ريت بيگانگي ۽ ذات جي عجيب فڪر جي ڪري اهو فرد معاشري کان ڪٽجي نِڪمو ٿي وڃي ٿو پر شاهه عنايت اهڙن صوفين کان بلڪل مختلف هو. سندس تعليم ۾ اهڙو ڪو به نڪتو نه هو، جيڪو انسان کي انسان ذات ۽ انسانيت کان پري ڪري، ڌرتي ۽ خلق خدا کان پري ڪري. هن عظيم صوفي وٽ دنيا کي خوبصورت بنائڻ لاءِ آفاقي فڪر هو.سندس وقت ۾ جيڪي فقير گوشه نشيني اختيار ڪري ويهي رهندا هئا، انهن متعلق هن سلسلي جو هڪ سڄاڻ صوفي فقير امام الدين ڊکڻ چوي ٿو ته: ”پاڻ (شاهه شهيد) انهن ڏانهن ويا ۽ وڃي چيائون ته آئون توهان کي نٿو چوان ته دنيا کان الڳ ٿلڳ ٿي ويهي رهو.“(2) يعني دنيا سان گڏ رهو. شاهه شهيد تصوف جي دنيا ۾ وجود وڃائڻ جي معنيٰ ترڪ دنيا ڪونه ورتي پر هن عملي زندگيءَ ۾ رهندي سماج ۾ سمائجي هڪ ٿي، سماج جي ڏکن سکن سان گڏجي هڪ ٿي وڃڻ کي وجود وڃائڻ جي واٽ سڏيو آهي، ڇو ته هن صاحب، پاڻ ڪريم ﷺ جن جي انهيءَ ڳالهه کي سمجهيو ٿي ته ”ڪنهن جي گهڻي نماز پڙهڻ ۽ روزن رکڻ کي نه ڏسو پر اهو ڏسو ته سچ ڳالهائي ٿو يا نه!!؟؟ جڏهن وٽس ڪا امانت رکي وڃي ٿي ته هو سچائيءَ سان موٽائي ٿو يا نه ۽ پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن جي گذاري لاءِ حلال روزي حاصل ڪري ٿو يا نه!!؟؟(3).

صوفي شاهه عنايت جي دور ۾ مذهبن، ذات پات جي فرقن وغيره ۽ نفرتن جي بنياد تي ماڻهن کي ويڙهائي، منجهن هڪ ٻئي لاءِ نفرتون پيدا ڪيون ويون هيون. شاهه شهيد انهيءَ جي بلڪل ابتڙ، انسان ذات کي مساوات جو فڪر

پيش ڪري، انسان ذات کي درست دڳ جو ڏس ڏنو. سندس فڪر ۽ تعليمات جو بنياد خاص ڪري هنن ڳالهين تي هو:

1. وحدت الوجود
2. وحدت مذاهب
3. وحدت انساني
4. پاڻ سڃاڻڻ
5. دوئي دور ڪرڻ
6. عشق کي رهبر راهہ ڪرڻ
7. وطن دوستي ۽ قوم جو معاشي نظام سڌارڻ
8. هارين جي صوفيانہ مساوات قائم ڪرڻ

صوفي حضور بخش صاحب پنهنجي ڪتاب ”شاهہ عنايت شهيد“ ۾ لکيو آهي تہ: ”صوفي شاهہ عنايت، صوفي ازم تحت عوام مان مذهب، ذات پات جي بنيادن تي پيدا ڪيل گروهہ بندين، نفرتن، اوچ نيچ کي ختم ڪري منجهن پنهنجي اتحاد، اشتراڪ، اهنسا، برابري، ذهني سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ جيئن عوام کي صحيح ۽ سچي آزاديءَ جي راهہ ڏيکارجي.“(4) چو تہ صوفي شاهہ شهيد انهن روايتي صوفين مان تہ هوئي ڪونہ جيڪي حالتن کي بدلائڻ بدران وينا صبر ۽ قناعت جي تلقين ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ ”دنيوي زندگيءَ جا چار ڏهاڙا آهن“ يا ”دنيا ڍوندڙ مثل آهي، تنهن ۾ نہ پئو.“ شاهہ شهيد انهن علمائن مان بہ نہ هو جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان ظالم حاڪمن جي طرفداري ڪندا آهن ۽ انهن علمائن مان بہ نہ هو، جن جي نظر ۾ دولت جي ساري ورهاست ئي سادات محمديﷺ جو اثاثو آهي يا اڻ برابري (ننڍو وڏو، غريب، شاهوڪار) خدا پاران سمجهي انسان ذات جي مساوات کي ڇيهو رسائيندا آهن.

شاهہ شهيد تاريخ، تهذيب، ثقافت ڪان سواءِ انهيءَ وقت جي سماج ۽ سماجي جوڙجڪ جو بہ گهرائيءَ سان مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو هو. هن نہ رڳو سڄي سنڌ پر آسپاس وارا ٻيا بہ ملڪ گهمي ڦري، ڏسي واسي نيٺ هندستان ۾ اچي حيدرآباد دکن جهڙي اهم شهر ۾ رهي، وقت جي تمام وڏي صوفي بزرگ سيد عبدالملڪ ڪان اعليٰ درس حاصل ڪيو ۽ پڻ سلطنت جي نظام کي تمام گهٽو ويجهڙائيءَ ڪان ڏٺو. اُتي عالمگير جهڙي بادشاهہ جو سخت دور اکين سان ڏٺو. سنڌ جو عظيم تاريخدان ۽ سڄاڻ محقق محترم پير حسام الدين راشدي



صاحب پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ: ”عالمگير ڪم و بيش، پنجويهہ ورهيہ حيدرآباد دکن جي مسلم رياست کي تهہ و بالا ڪرڻ ۾ گذاريا. شاهہ عنايت صوفي انهيءَ جنگ و جدل، ڪشت و خون، مسلسل تباهين ۽ بربادين جا ڪيئي نظارا پاڻ اکين سان ڏسي چڪو هو ۽ ڪنن سان ڪيترائي خوني داستان ۽ دردناڪ ڪهاڻيون خود انهن مظلومن جي واتان ٻڌيون هئائين جن مٿان اهي ويل وهيل هئا.“(5)

اورنگزيب جي غلط حڪمت عملي، سختگيري، ملائيت سوچ سندس جانشين جو ڪريل ڪردار، شهزادن جون عياشيون، تعليم ۽ تربيت جي کوٽ جي ڪري ڇڙواڳي، غرور، هٺ، درٻاري اميرن جي نااهلي ۽ خود غرضيءَ ڪان سواءِ فرسودا ۽ مدي خارج، بڇڙاين جي جڙ رڪندڙ جاگيرداري نظام نہ فقط سندن حڪومت کي زوال ڏانهن ڌڪي رهيو هو پر عوام جي لاءِ هيءُ ناسور بڻجي، وڌيڪ گهرو ۽ خطرناڪ ٿي رهيو هو. شاهہ شهيد اهڙي ماحول ۾ پاڻ رهي ۽ مشاهدو ڪري رهيو هو. سندس فڪر تي انهن ڳالهين جو اثر ضرور ٿيو هوندو. شاهہ شهيد کو اوچتو ڪونہ پيدا ٿيو هو پر ان جي پٺيان ڪي تاريخي سبب هئا. اهو دور هندستان ۾ افراتفريءَ جو دور هو. مغل حڪومت جنهن کي اورنگزيب بنياد پرستن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. ان جي ڪري اها حڪومت ٽٽڻ شروع ٿي چڪي هئي، چو تہ جيڪو اتحاد هندستان جي سرزمين تي صوفين پيدا ڪيو هو، اهو بنياد پرستن جي هلان جي ڪري ختم ٿي چڪو هو. شاهہ شهيد انهيءَ ماحول ۾ اڻ برابري ۽ بنياد پرستيءَ خلاف هڪ پروگرام سامهون آندو. ذڪر ٿي چڪو آهي تہ شاهہ شهيد وحدت الوجودي جي نظرئي سان منسلڪ هو ۽ وحدت الوجود جو نظريو بنياد پرستيءَ جي خلاف هو. توڙي جو حاڪم وحدت الوجود جي سخت خلاف هئا پر شاهہ شهيد بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي ڪيرون خبرون ڪري، وحدت الوجودي نظريي جو ڪلم ڪلا پرچار ڪندو رهيو. ان سان گڏوگڏ جاگيرداري نظام جي خلاف هڪ ڀرپور فڪر پيش ڪري، هو عملي جدوجهد طرف پنهنجا مبارڪ قدم وڌائي رهيو هو. هن چاتو ٿي تہ چند ماڻهو زمين پاڻ وٽ رکي، ڏاڍ وسيلي انهن تي قبضو ڪري، هارين نارين ڪان محنت ڪرائي، فصل لهڻ وقت محنت ڪندڙن ڪان فصل ڪسي، پنهنجا گدام ڀري، عوام کي بکيو ۽ ڏکيو رهڻ تي مجبور ڪن ٿا. تنهن ڪري اهو سارو ڍونگ آهي، اهو ڍونگ ڊهڻ گهرجي ۽ اصل ڏٽين کي پنهنجا حق ملڻ گهرجن.

شاهہ شهيد چڱيءَ ريت چاتو ٿي تہ اسلام جي لحاظ ڪان زمين جو مالڪ الله آهي. اڳ ۾ زمين ان ماڻهوءَ جي ملڪيت سمجهي ويندي هئي، جيڪو اُن

كي ڪيڙيندو پوکيندو هو. هاري ناريءَ ذريعي ڪيتيءَ جي اجازت نہ هوندي هئي.(6) ”ڊاڪٽر ضياءَ الدين حديثن جي حوالي سان ثابت ڪيو آهي تہ پاڻ سڳورن، زمين کي هارپ يا ٻٽئي تي ڏيڻ کان روڪيو آهي.“(7) حضورﷺ جن جي وقت ۾ زمين فقط انهن وٽ هوندي هئي، جيڪي ان کي آباد ڪري سگهندا هئا. ڪنهن کي بہ زمين پاڻ وٽ رکي، ڪنهن ٻئي هاريءَ کان آباد ڪرائي، گهر ويٺي هڪيو تڪيو کائڻ جي منع هئي. ڏٺو وڃي تہ اسلامي ملڪن ۾ جاگيرداري نظام جو سڀ کان پهرين بنياد خلفاءِ بنو اُميہ وڌو. ساساني ۽ ٻين شهنشاهن کي ڏسي هنن بہ زمين جون وڏيون وڏيون جاگيرون پنهنجي خاندان جي فردن ۽ ٻين پنهنجي حمايتين کي وظيفي ۽ انعام طور ڏنيون. سيد سبط حسن لکي ٿو تہ: ”اسلامي حڪومتن ۾ جاگيرداري نظام کي سڀ کان پهريائين بنو اُميہ جي خليفن رواج ۾ آندو.“ اڳتي لکي ٿو تہ: ”جاگيرداري نظام سنڌ ۾ بہ بنو اُميہ جي ڏينهن ۾ ان وقت رواج ۾آيو جڏهن عرب خاندان هتي اچي آباد ٿيڻ لڳا.“(8) مطلب تہ سنڌ ۾ بنو اُميہ جي گورنرن کان اڳ ۾ جاگيرداري نظام ئي نہ هو. الله جي زمين کي جيڪو ماڻهو محنت ڪري ڪيڙي پوکي آباد ڪندو هو، اهو ئي ان جو حقدار هوندو هو، ۽ اهو ئي فصل ڪٽندو هو پر بنو اميہ جي دور ۾ان جو غلط استعمال ڪندي ڏاڍ وسيلي حقدارن جا حق ڦٻائڻ لڳا. ان کان اڳ ۾ هتان جي پراڻن سياسي نظرين موجب زمين هارين جي گڏيل (يا ذاتي) ملڪيت مڃي ويندي هئي ۽ رياست جي ملڪيت نہ هوندي هئي. پر هارين کي پيدائش جو هڪ مقرر حصو رياست کي ڏيڻو پوندو هو. سڀ ڳوٺ وارا پيداواري عمل ۾ هڪ ٻئي جو هٿ ونڊائيندا هئا. واجبات ۽ بقايائن جي وصولي ۽ ادائيگي ڳوٺ جي مُکيءَ جي ذميواري هوندي هئي. صوفي شاهہ عنايت انهيءَ اصل حقيقت کي پليءَ پت ڄاتو ٿي. تنهن ڪري ئي سندس واضع عقيدو اهو هو تہ ڪيتي پوکي اجتماعي اصولن تي ڪئي وڃي، پيدواري عمل ۾ سڀ ماڻهو برابر جا شريڪ هجن. پيداوار کي ضرورت مطابق پاڻ ۾ تقسيم ڪن.(9)

اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ شاهہ شهيد جي دور ۾ جاگيرداري نظام سنڌ ۾ ايترو تہ حاوي ٿي چڪو هو، جو هزارين بلڪ لکين هاري چند جاگيردان وٽ غلامن جهڙي زندگي پيا گذاريندا هئا. مغل سلطنت جو هر عمل عوام دشمن عمل هو. ملڪ جو جاگيردار طبقو حڪومت جو ٻانهن ٻيلي ۽ ساٿي هر لحاظ سان ٻٽ هوندو هو. مغلن، جاگيردارن ۽ منصبدارن کي ملائي فوجي رياست جو نظام رائج ڪيو هو. اُتي شاهہ شهيد اهو حال اکين سان ڏٺو تہ وڏا جاگيردار پنهنجون جاگيرون عاملن جي حوالي ڪري پاڻ شاهي دربار سان لاڳاپجي عيش عشرتون



ڪري رهيا آهن. اُن دور ۾ نہ رڳو ڌارين جي ڦرلٽ هئي، پر مقامي جاگيردارن، وڏيرن، ڪوٽارن ۽ ڪمدارن عام ماڻهوءَ مان رت ست ئي ڪڍي ڇڏيو هو ۽ انهيءَ ڦرلٽ سنڌ جي ماڻهن کي اقتصادي طور تباهہ ڪري ڇڏيو هو. نہ رڳو اهو پر ٻئي پاسي وري مذهبي پيشوائن تنگ نظري ۽ ڪٽرپڻي جي ڪري سنڌ جي ماڻهن ۾ نفرت ۽ نفاق جو ٻج ڇٽي، ڌرتيءَ کي تپائي ڇڏيو هو. ڪي عالم تہ حاڪمن جون خوشامدون ڪري دربار تائين پهچي سندن حقن ۾ فتوائون ڏئي، حڪومت کي هر طرح سان هٿي ڏئي عام ماڻهن ۽ مخالفن تي مذهب جي آڙ ۾ ظلم برپا ڪرائي رهيا هئا. ڪن درگاهن جا گادي نشين تہ حڪومت کان زمينون حاصل ڪري، عبادت ۽ اصل مقصد کي وساري، جاگيردار بنجي، هر عمل ۾ جاگيردارن سان گڏ هئا. اهي عالم ماڻهن کي رڳو خاموش رهي، ڪنارا ڪشي توڪلۡ تقدير تي ياڙي ويهي رهڻ جا درس ڏيئي، ماڻهن کي ذهني طرح مفلوج ڪري رهيا هئا. شاهہ شهيد انهن سمورين اٽڪلن کان واقف ٿي عام کي آگاهہ ڪيو.

انهيءَ دور ۾ خاموش ٿي رهڻ، سڀ ڪجهہ تقدير تي ڇڏي ڪابہ تدبير ڪرڻ لاءِ سوچيو ئي نہ ٿي ويو. قوم جي اڪثريت تقدير پرست بڻجي چڪي هئي. سنڌ جي مشهور محقق تنوير عباسي لکيو آهي تہ: ”ان وقت جي زرعي سماج ۾پوکن ۽ فصلن جو درياهہ جي ليٺ، برساتن ۽ ٻين ان وقت جي پانيل قدرتي اثرن تي مدار هو. ان ڪري اهو سماج تقدير پسند ٿي پيو هو.“(10) اهڙين حالتن ۾ شاهہ عنايت شهيد سماج جي تقدير، تدبير سان تبديل ڪرڻ لاءِ انساني آجائي ۽ مساوات سان رهڻ جو هڪ باقاعدا فڪر ۽ عملي پروگرام ڏنو. جنهن وسيلي سماج ۾ هڪ ترقي پسند ۽ روشن تبديلي اچي ٿي سگهي.

ان دور ۾ مغل، ارغون ۽ ترخان تہ مفادن جي هڪ جهڙائيءَ جي ڪري پاڻ ۾ هڪ هئا، پر جاگيردار، وڏيرا، پير، مرشد ۽ روايتي عالم بہ ساڻن گڏهئا. ڇو تہ اهي هميشہ اقتداري ڌر سان گڏ رهيا آهن. عام سنڌي ماڻهو، انهن ڌارين، مقامي ڦورن ۽ غارن جي گڏيل ظلم ۽ ڏاڍ جي گهاڻي ۾ پيڙهجي رهيو هو، جڏهن تہ سنڌ جي سرسبز زمينن کي ارغونن ۽ ترخانن پيلي بيابان بڻائي ڇڏيو هو، تہ بہ مقامي مٽئين طبقي جا ماڻهوان ڦرلٽ ۾ ساڻن گڏهئا. پير، مرشد ۽ عالم سڳورا بہ انهن ظالم ڌارين جون ثنائون ۽ خوشامدون ڪري، پنهنجو مفاد حاصل ڪندا رهيا. انهيءَ ماحول ۾ تمام ڪي ٿورا ماڻهو هئا، جن سنڌ جي ساک بچائڻ لاءِ انهن گڏيل دشمن قوتن سان مهاڏو اٽڪايو.

شاهہ شهيد انهن سيني ڌارين توڙي مقامي ڦورن، ظالمن ۽ استحصالي قوتن کي چڱيءَ طرح سمجهي، سمجهائڻ شروع ڪيو ۽ سندس ذهن ۾ اهوفڪر

واضح هوته دنيا جي سڀني مهذب قانونن توڙي مذهبن ۾ انسان آزاد آهي. ڪو به ڪنهن کان متاهون نه آهي. رنگ، نسل ۽ پونجي وغيره جي بنياد تي ڪا به ننڍ وڏائي ٿي نٿي سگهي. تنهن ڪري هن صوفي بزرگ انهيءَ جاگيرداري نظام ۽ سماج جي رسم رواج کي تبديل ڪري، انهيءَ جاءِ تي اهو نظام اڏڻ چاهيو، جنهن ۾ سک، امن، اتحاد ۽ انساني مساوات هئي. جنهن ۾ ڪو به انسان مجبور، بي وس، لاچار ۽ ٻي جو ماتحت يا محتاج نه رهي سگهي. شاهه شهيد ڪوڙ ۽ ناحق تي اڏيل سماج ڏار جداگانه سماج اڏڻ لاءِ پيڙهه جا پٿر رکندي، ڦهريائين ننڍي دائري ۾ اهوسماج اڏي، دنيا ۾ هڪ وڏو مثال قائم ڪري، پوءِ دعوت عام ڏني ته هن چاتو ٿي ته گڏيل نموني ئي اهو آزاد ۽ خوشحال معاشرو جوڙي سگهبو. هن صوفيءَ، انهيءَ سلسلي ۾ نيون واٽون گهڙي، انهن واٽن تي هلي، عام ماڻهوءَ کي هڪ آفاقي فڪر ڏنو. اهو فڪر وقت جي هلندڙ گُنل پيئل اصولن کان گهڻو مختلف ۽ مٿانهون هو. هن سنڌ جي معاشري ۾ سک، شانتي، امن آشتيءَ پرئي ۽ روشن مستقبل حاصل ڪرڻ لاءِ مروج هر سماجي ۽ معاشي قدر کي ڇڏي نوان قدر جوڙي، نئون نظام قائم ڪرڻ لاءِ هڪ منظم جدوجهد ڪرڻ جو فڪر ڏنو. ڇاڪاڻ ته شاهه شهيد چاهيو ٿي ته هن سماج ۾ باهمي رقابت، ذاتي ويڇن، گروهي مذهبي ڇڪتاڻ، طبقاتي ڪشمڪش جو خاتمو آڻجي، جيئن ارهه زورائي ڪري ڏاڍو هيٺي کي، طاقتور ڪمزور کي، سگهارو اپري کي، قوي نٻل کي، هيسائي سندس حقن تي ڏاڙو هڻي نه سگهي. هن عدل انصاف، رواداري، مروت، مساوات، ڀائيچاري وارو سرشتو قائم ڪرڻ لاءِ (تاريخ ۾ اڳاٽو) انساني مساوات جو نظريو ڏنو. پاڻ اهو همه گير فڪر ڏيئي انسانيت کي آزارن کان ڇوٽڪاري لاءِ تمام خوبصورت واٽ جو ڏس ڏيندي، ان تي هلڻ جو سڏ ڏنو. ڇاڪاڻ ته صوفي صاحب جو خيال هو ته جيڪڏهن دولت پيدا ڪرڻ جا ذريعا چند ماڻهن جي ذاتي ملڪيت هوندا ته پوءِ دولت جي ساري تقسيم ڪهڙي طريقي سان ٿيندي؟ يا ڪيئن ممڪن ٿي سگهندي؟(11) حقيقت ۾ شاهه شهيد قانونِ معشيت جو راز معلوم ڪري ورتو هو، هن سمجهي ورتو هو ته اصل شيءِ پيداواري عمل آهي ۽ اصل مساوات اهو ئي ڪجهه آهي، جيڪو پيداواري عمل دوران قائم ڪيو وڃي. حقيقت اها آهي ته دولت جي منصفاڻي تقسيم پيداواري عمل ۾ برابريءَ جي شرڪت کان سواءِ ممڪن ناهي. اهو ئي سبب هو جو صوفي صاحب پيداواري عمل ۾ شرڪت تي زور ڏنو.(12)

سيد سبط حسن لکيو آهي ته: ”اجتماعي پوکي راهي ڪا صوفي شاهه عنايت جي ايجاد نه هئي، ان کان گهڻو اڳ ۾ قبيلائي نظام جي دور ۾ به



اجتماعي ڪاشتڪاريءَ جو رواج هو. اهو به ٿي سگهي ٿو ته صوفي صاحب جي زماني ۾ به ڪوهستاني قومن خاص ڪري ٻروچن ۾ هيءُ رواج رائج هجي ۽ شاهه عنايت ان افاديت ۽ لاڀ کي محسوس ڪيو هجي.“(13) وري به ذڪر ڇيڙيندي سيد صاحب لکي ٿو ته: ”سندس، سيد جونپوريءَ (1443 — 1505) جي مهدوي تحريڪ کان متاثر هجڻ به ويچار جوڳو خيال آهي. سيد محمد جونپوري سنڌ جي حاڪم ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڍي جي ڏينهن ۾ ڏيڍ به سال ٺٽي ۾ ڏاٻو ڪيو هو.“(14) ۽ ڪيترائي ماڻهو جن ۾ ميان آدم شاهه ڪلهوڙو به شامل آهي، سندس معتقد ۽ مريد ٿيا هئا. سيد محمد جونپوري جنهن واعدي ڪيل مهديءَ هجڻ جي دعويٰ ڪئي هئي.(15) پر حقيقت ايئن نه آهي. سيد محمد جونپوريءَ کان سوين سال اڳ ۾ ايران ۾ مزدڪ به مساوات ۽ اشتراڪيت جو پيغام ڏنو هو پر سنڌ ۾ ته ان کان آڳاٽن نظرين، لوڪ يات ۽ چارواڪ ۾ به گڏيل ٻني ٻاري ۽ ان کي ضرورت پٽاندر ورهائي استعمال ڪرڻ جو فڪر موجود هو ۽ انهيءَ دور ۾ به برصغير ۾ هارين جي صوفيانه مساوات موجود هئي.(16) چئي سگهجي ٿو ته صوفي شاهه عنايت مزدڪ جي فڪر، لوڪ يات، چارواڪ جي نظرين، اسلام جي مساوات ۽ محمد جونپوري جي فڪرن جو گهري طرح سان اڀياس ڪري، پنهنجي هڪ نئين ۽ انهن فڪرن کان وڌيڪ سگهاري، فڪري واٽ گهڙي. هن صوفي بزرگ انهن آڳاٽن فڪرن جي روشنيءَ ۾ وڌيڪ واڌارا ۽ سڌارا آڻي، تصوراتي نه پر عملي طرح هڪ تحريڪ جو پيغام ڏنو جنهن جو فڪر ۽ فلسفو جامع ۽ وسيع هو. شاهه شهيد پنهنجو اهو فڪر ڏيئي نه فقط روحاني بيداري آڻڻ چاهي ٿي پر اقتصادي ۽ قومي آزادي به آڻڻ گهري ٿي. سنڌ جو ڏاهو، اديب ۽ دانشور پير علي محمد راشدي صاحب پنهنجي هڪ مشهور ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ ۾ شاهه شهيد ۽ سندس پيغام جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: ”سندس پيغام جو روح هو ته انسان جو روح بيدار ٿئي. منجهائن گندگيون مثلاً تعصب، تفريق ۽ انسان دشمنيءَ جون غلاظتون دور ٿي وڃن ۽ سڀ پاڻ ۾ ملي هڪ لڙهي ۾ پوئجي وڃن ۽ اسلامي اصولن مطابق همت کان ڪم وٺڻ جا اهل بڻجن، ساڳئي وقت ۾ اسلامي فڪر ۽ روحاني روشني کي بلنديءَ تي رسائجي.“(17) وري به اڳتي ذڪر ڇيڙيندي پير صاحب لکي ٿو ته: ”اهو هو اجتماعي ۽ اصولي تصور. انفرادي طريقه ڪار جا لوازمات هي هئا. الله سائين تي توڪل، ذاتي حاجتون مختصر، تفريقون ختم، پاڻ ۾ محبت، عام انسان دوستي، جسم جي رياضت، روح جي راحت....“(18) پر انهن اصولن سان

گڏوگڏ شاهہ شهيد وٽ سماجي ۽ اقتصادي نظام لاءِ بہ اعليٰ آدرش موجود هئا. هن نہ رڳو اهو پيغام ڏنو پر عملي طرح هڪ معاشرو اڏڻ لاءِ پهريائين هن ماڻهن جي ذهنن جي سجاڳي آڻڻ پئي چاهي، جيئن:

1. سنڌ جي ماڻهن مان اندروني اختلاف، ڀيد ڀاو ختم ٿين ۽ هو پاڻ ۾ متحد ۽ هڪ آواز ٿين.
2. ظلم کان آزادي حاصل ڪري پنهنجا حق حاصل ڪن ۽ اقتصادي خوشحالي ماڻين.
3. باهمي تعلقات جو بنياد محبت ٿئي.
4. زندگي با مقصد.
5. اعليٰ ترين اقتدار جو حصول منتهيءِ نظر.
6. پاڪ معاشري جي اڏاوت.
7. هر عمل ۾ سچ ۽ صداقت.
8. حق ئي حق هجي.
9. انهن سمورين حاصلات لاءِ عملي جدوجهد جي تعليم ۽ تربيت.
10. هن ملڪ جا پيڙهيل ۽ مظلوم ماڻهو متحد هجن، حڪومتي ۽ سماجي ظلم کان آجا هجن.

شاهہ شهيد، صوفين جي انهيءَ مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ هو، جنهن جي تاريخ ئي ڪجهہ انوکي رهي آهي. حقيقت ۾ پاڻ حسن بن منصور، شمس تبريز، مخدوم بلاول ۽ سرمد جو نہ رڳو تسلسل هو پر انهن جي انتها واري منزل تي گامزن هو. وٽس انهن کان بہ وڌيڪ سگهاور ۽ منظم فلسفو ۽ اجتماعي فڪر هو. سنڌ جي نامياري دانشور ۽ عالم سائين جي.ايم. سيد، شاهہ شهيد جي فڪر جو ذڪر ڪندي سندس هيٺيان خاص ڪم (فڪري نڪتا) ڄاڻايا آهن:

1. انهيءَ وقت مُلن جي تخيل واري شريعتي پابندي ۽ اعتقادن ۽ پيرانِ وقت جي رائج ڪيل سلسلہ پيري، مريديءَ کي نہ مڃڻ ۽ آزاد خيال جو پرچار ڪرڻ.
2. مذهبي فرقن کي ٿوڙي آزاد خيال لاڳاپن جي بنياد تي بنا تفاوت مذهبي فرقي، ذات ۽ طبقي جي پنهنجي جماعت ناهڻ، جنهن جي ڪري ئي موجوده مذهبن جي اثر ۽ اقتدار کي نقصان پهچڻ جو انديشو محسوس ڪيو ويو.



3. پنهنجي جماعت جو ويس هڪ اهڙي رنگ جو ڪرڻ، جيڪو هندو سنياسي ٻڌ ڌرم جا لاما ڪندڙ هئا. يعني گيڙو ويس. انهيءَ ويس لاءِ مسلمانن کي خاص تعصب هو.
4. صوفي صاحب جي جماعت وارن جو حڪومت کي ڍلن ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ. انهيءَ عذر جو سبب اهو ڏنو ويو تہ اهي زمينون (حقيقت ۾) ڪين سندن نقصان جي عيوض ۾ مليل هيون. جيڪي انعام طور ڪري شمار ڪرڻ گهرجن.
5. هوان راءِ جا هئا تہ ماڻهن جا شخصي اعتقاد جن تي هو غور فڪر بعد صداقت سان پهتل هجن، سندن خانگي معاملات هئا. سوسائٽيءَ ۾ حڪومت کي انهن ۾ دست اندازي ڪرڻ جو ڪو بہ حق ڪونہ آهي.(19)

اسان جي خيال ۾ حقيقت ۾ مٿيان نڪتا ئي شاهہ شهيد جي تحريڪ جا خاص مول متا هئا. البت سڀ کان وڌيڪ زور مساوات ۽ زمين تي هاريءَ جو حق هئڻ تي هو، ڇو تہ شاهہ شهيد جي فڪر جو اهم نڪتو اهو هو تہ زمين جي پيدوار جو ڏٽي اهو ئي آهي، جيڪو انهيءَ تي محنت ڪري ان ۾ فصل اُپائي ٿو.

شاهہ شهيد پنهنجي سموري پيغام ۾ اوليت زمين کي ڏني ڇو تہ هن سمجهيو ٿي تہ انسان جي جياپي جو ذريعو ڌرتي آهي. اها چند ماڻهن جي ملڪيت هرگز نہ هئڻ گهرجي. هونءَ بہ اهو دور زرعي دور هو. صنعتي يا سرمائيداري دور نہ هو. تنهنڪري سڀ کان وڌيڪ اهميت زراعت جي هئي. اهوئي سبب آهي جو شاهہ شهيد پنهنجي پيغام ۾ ٻين سڀني ڳالهين سان گڏ ”زمين گڏيل ملڪيت آهي“ جو فڪر ڏيئي پهريائين پاڻ پنهنجي زمين گڏيل ملڪيت ۾ ڏيئي هڪ عظيم مثالي (اشتراڪي) سماج جوڙي، هي پيغام ڏنائين تہ انسان ذات هڪڙي سهڻي انصاف ڀرئي، آزاد ۽ انسان جي اعليٰ گڻن موجب هلي باوقار ۽ سکيو گذاري سگهي ٿو.

## حوالا ۽ حاشيا

1. شاهہ شهيد ماني ۽ مزدڪ کان متاثر ٿيو هوندو، جن وٽ انسان جي ڀلائيءَ جا تصور وڌيڪ پختا هئا. مزدڪ وٽ تہ معاشي تصور بہ موجود هو. مزدڪ جي خاص تعليم ۾ سندس اهم ڳالهہ اشتراڪيت آهي. مزدڪ چئي ٿو تہ: ”سمورا انسان برابر آهن ۽ انفرادي جائداد جو تصور مخالف ديوتائن جو

پيش ڪيل آهي پر شاهہ شهيد وٽ جهڙيءَ ريت باقاعده ۽ منظم پروگرام ۽ عملي جدوجهد جو لائحہ عمل هو اهڙو اڳ ۾ ڪنهن وٽ بہ نہ هو. ايتري قدر جو چين ۽ روس جا نظريا بہ گهٽو پوءِ جُڙيا.

2. ستاري امام الدين فقير انٽرويو روزانہ سنڌ حيدرآباد 25 جون 1997ع
3. نبي سائينءَ جا خطبا ”نبوت جي ماڳ تي خطبا“ مترجم محمد ايوب انصاري مهراڻ اڪيڊمي 1999ع ص 46.
4. حضور بخش صوفي ”شاهہ عنايت شهيد“ سنڌ نيشنل پبليڪيشن ميرپور بٺورو 1981ع ص 27.
5. راشدي حسام الدين مضمون ”سنڌ جو پهريون زرعي سڌارڪ شاهہ عنايت صوفي“ ڪتاب ”ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون“ انجمن تاريخ سنڌ 1981ع ص 255.
6. سبط حسن”نويد فڪر“ مڪتبہ دانيال ڪراچي 1995ع ص 185.
7. ساڳيو حوالو ص 185.
8. ساڳيو حوالو ص 186.
9. ساڳيو حوالو ص 186.
10. عباسي تنوير ڊاڪٽر ”شاهہ لطيف جي شاعري“ نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1989ع ص 262.
11. لغاري محمد علي ”اڄ بہ صوفي شاهہ عنايت شهيد واري تحريڪ جي ضرورت آهي“ روزاني سنڌ حيدرآباد 25 جون 1997ع.
12. ساڳيو حوالو.
13. سبط حسن ”نويد فڪر“ ص 206.
14. حقيقت ۾ سيد محمد جونپوري جي نٽي ۾ اچڻ ڪان پهريان ئي شاهہ شهيد جي وڏن جي ڳوٺ نصريہ جي پير ۾ اچي ڪجهہ ڏينهن ترسيو هو ۽ انهيءَ نسبت سان ئي انهيءَ ڳوٺ تي ميرانپور نالو پيو.
15. سبط حسن ”نويد فڪر“ ص 206.
16. ڏسجي زبير رانا ”داستان ثقافت“ ص 112.
17. راشدي علي محمد ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ جلد ٽيون سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1981ع ص 140.
18. ساڳيو حوالو ص 11.
19. سيد جي ايم ”پيغام لطيف“ نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي ڇاپو ٻيو 1974ع ص 49.